TRUE TRANSLATION FROM ENGLISH TOSINDHI

سنڌ حڪومت،
فوڊ ڊپارٽمينٽ

# نوٽيفڪيشن

31مارچ 2026

نمبر :SO(W)-7(33) 2025-26 :سنڌ ڪابينا طرفان 31 مارچ 2026 تي ٿيل اجلاس ۾ ڏنل منظوري جي پيروي ۾، سنڌ حڪومت هن ذريعي فصل 2025-26 لاءِ ڪڻڪ خريداري پاليسي جا هيٺيان هدايتون جاري ڪري ٿي:

1. ڪڻڪ صرف انهن آبادگارن کان خريد ڪئي ويندي جيڪي سنڌ ويٽ گروورز سپورٽ پروگرام تحت ڊي اي پي پاڻ حاصل ڪري چڪا آهن، ۽ اها خريداري مقرر ڪيل ويٽ پروڪيورمينٽ سينٽرن (WPCs) تي ٿيندي.
2. ڪڻڪ خريداري جي سرڪاري قيمت 3,500 رپيا في 40 ڪلو مقرر ڪئي وئي آهي صرف ربيع فصل 2025-26 لاءِ (جيڪا 100 ڪلو ٿيلهي لاءِ 8,750 رپين جي برابر آهي).
3. آبادگار پنهنجو نئون باردانو (50 ڪلو جا پي پي ٿيلها) استعمال ڪندا. سينٽر انچارج ۽ ضلعي فوڊ ڪنٽرولر ان ڳالهه جي تصديق ڪندا ته باردانو معيار مطابق آهي. پراڻو، ڦاٽل يا گهٽ معيار وارو باردانو ڪنهن به صورت ۾ قبول نہ ڪيو ويندو.
4. جيڪي آبادگار پنهنجو نئون باردانو استعمال ڪندا، انهن کي في پي پي ٿيلهي 60 رپيا ادا ڪيا ويندا.
5. آبادگارن کي ڪڻڪ جي قيمت ۽ بارداني جي رقم سڌي طرح سندن بئنڪ اڪائونٽ ۾ ادا ڪئي ويندي.
6. صرف فيئر ايوريج ڪوالٽي (FAQ) واري ڪڻڪ قبول ڪئي ويندي جنهن ۾ نمي 10 سيڪڙو کان وڌيڪ نه هجي. نمي چيڪ ڪرڻ لاءِ هر سينٽر انچارج وٽ نمي ماپڻ وارو اوزار (موئسچر ميٽر) موجود هوندو. گهٽ معيار، خراب، ڪيڙن لڳل يا آلوده ڪڻڪ (جنهن ۾ مٽي، گندگي يا پوسو شامل هجي) سختي سان منع آهي. جيڪڏهن انهن معيارن تي عمل نه ٿيو ته لاڳاپيل انچارج ۽ ڊي ايف سي ذميوار هوندا.
7. خريد ڪيل ڪڻڪ کي مناسب نموني سان محفوظ ڪيو ويندو، ان جي حفاظت ۽ سيڪيورٽي کي نظر ۾ رکندي. سرڪاري گودامن جي سموري جڳهه استعمال ڪئي ويندي ۽ وڌيڪ ڪڻڪ محفوظ ڪرڻ لاءِ خانگي گودام به ڪرائي تي حاصل ڪيا ويندا، جيڪي لاڳاپيل ڪميٽين طرفان منظور ٿيل شرح تي هوندا.
8. ڊبليو پي سيز (WPCs) جي صورت ۾ اسٽاڪ اڳواٽ مقرر ڪيل هنڌ تي رکيو ويندو. سينٽر انچارج ڪڻڪ جي اسٽوريج لاءِ مناسب جڳهه چونڊيندو، جيڪا محفوظ هجي، ۽ ان بابت ضلعي فوڊ ڪنٽرولر کي آگاهه ڪندو. ضلعي فوڊ ڪنٽرولر ان جڳهه جو دورو ڪري ان جي موزونيت جو جائزو وٺندو. چونڊيل هنڌ آس پاس جي علائقي کان مٿانهون هجي ۽ بهتر آهي ته مکيه روڊ جي ڀرسان هجي ته جيئن ڪڻڪ جي منتقلي آسان هجي. ضلعي فوڊ ڪنٽرولر

ڊبليو پي سيز (WPCs) جي فهرست ۽ جڳهن بابت ڊپٽي ڊائريڪٽر فوڊ کي آگاهه ڪندو، جيڪو باقاعده منظوري جاري ڪندو ته متعلقه ڊبليو پي سيز (WPCs) جي ڪڻڪ مقرر ڪيل هنڌ تي محفوظ ڪئي وڃي.

9. جيڪي فيلڊ اسٽاف غبن، ڪوٽ يا مالي بي ضابطگين ۾ ملوث هجن، انهن کي PRC يا WPC جو انچارج مقرر نه ڪيو ويندو، بشرطيڪه گهربل عملي جي دستيابي هجي.

10. ڪنهن به حالت ۾ اڳواٽ ادائيگي نه ڪئي ويندي. بغير ڪڻڪ جي حقيقي وصولي جي ڪا به ادائيگي ڪرڻ ڏوهن ۾ شمار ٿيندي ۽ سخت بدانتظامي سمجهي ويندي. اهڙي خلاف ورزي جي صورت ۾ لاڳاپيل ضلعي فوڊ ڪنٽرولر ۽ سينٽر انچارج ذميوار هوندا.

11. لاڳاپيل ضلعي فوڊ ڪنٽرولر هر PRC/WPC جي انچارج کان خريداري شروع ٿيڻ کان اڳ به ضمانتي مچلڪه حاصل ڪندو، جن جي رقم گهٽ ۾ گهٽ 50,00,000 پنجاه لک رپيا هجي.

12. ڪو به سينٽر انچارج ضمانتي بانڊ جمع ڪرائڻ کان سواءِ ڪڻڪ خريداري جي ادائيگي ڪرڻ جو مجاز نه هوندو.

13. گهربل عملي جي دستيابي جي صورت ۾ انهن PRCs ۽ WPCs تي جتي خريداري جو حدف 5,000 ميٽرڪ ٽن کان وڌيڪ هجي، اتي AFCs مقرر ڪيا ويندا، جيڪي آبادگارن کي ادائيگي لاءِ سينٽر انچارج سان گڏ دستخط ڪندڙ (co-signatory) هوندا.

14. غبن يا ڪوٽ جي صورت ۾ سينٽر انچارج ۽ ضلعي فوڊ ڪنٽرولر (DFC) گڏيل ۽ انفرادي طور ذميوار هوندا.

15. ڪڻڪ 50.00 ڪلو جي اوسط معياري وزن تي خريد ڪئي ويندي، جنهن ۾ بارداني جو وزن به شامل هوندو، جيڪو ترجيحي طور 0.115 ڪلو هجي.

16. ويٽ پاليسي 1984-85 ۾ شامل سيئي جاري هدايتون سختي سان لاڳو ڪيون وينديون.

17. لاڳاپيل ضلعي فوڊ ڪنٽرولر هر پروڪيورمينٽ سينٽر جو دورو ڪندو ته جيئن خريداري جي رفتار جي نگراني ڪري ۽ اسٽاڪ جي فزيڪل تصديق ڪري، ۽ اهو پڻ يقيني بڻائي ته ڪيل ادائيگيون بلڪل انهن اسٽاڪ جي برابر آهن جيڪي لاڳاپيل WPC تي موجود آهن. ان بابت سرٽيفڪيٽ ڊائريڪٽر فوڊ سنڌ کي پارٽ A-بل جي ڪائونٽر سائن ڪاپي سان گڏ جمع ڪرائيندو.

18. نئين خريد ڪيل ڪڻڪ کي محفوظ ڪرڻ لاءِ گودامن جي صفائي، فميگيشن ۽ اسپري کي يقيني بڻايو وڃي.

19. وضاحت ڪئي وڃي ٿي ته انڪم ٽيڪس آرڊيننس 2001 جي سيڪشن 153 جي ذيلي سيڪشن (1) جي شق (a) ۽ ان سان لاڳاپيل سيڪنڊ شيڊيول جي پارٽ IV-جي ذيلي شق (12) (جيڪا SRO 787(I)/2011 مورخه 22-08-2011 ذريعي شامل ڪئي وئي) تحت، سڌي طرح حقيقي آبادگارن کان ڪڻڪ جي خريداري تي ايڊوانس انڪم ٽيڪس لاڳو نه

ٿيندو. تنهن ڪري، فصل 2025–26 دوران فوڊ ڊپارٽمينٽ طرفان اهڙن آبادگارن کي ڪيل سڀ ادائيگيون مڪمل سرڪاري مقرر ڪيل قيمت تي بغير ڪنهن ٽيڪس ڪٽوتي جي ڪيون ويندين، بشرطيڪه وصول ڪندڙ کي زرعي پيداوار جو اصل پيدا ڪندڙ هجڻ جي تصديق ٿيل هجي.

20. سينٽر انچارج هفتيوار رجسٽر تيار ڪري ۽ برقرار رکندو، جنهن ۾ انهن آبادگارن جو رڪارڊ شامل هوندو جن کان گڏريل ستن ڏينهن دوران ڪڻڪ خريد ڪئي وئي هجي. اهڙي رڪارڊ ۾ گهٽ ۾ گهٽ هيٺيان تفصيل شامل هجڻ گهرجن :

a. آبادگار جو پورو نالو ۽ والد جو نالو.
b. ڪمپيوٽرائيزڊ قومي سڃاڻپ ڪارڊ (CNIC) نمبر، جنهن سان گڏ ان جي صاف ڪاپي لڳل هجي.
c. فعال موبائل نمبر (جيڪڏهن موجود هجي).
d. انهيءَ ديهه (Deh) جي صحيح جڳهه جتي تصديق ٿيل ڪڻڪ پوکيل ايراضي موجود هجي.
e. خريد ڪيل ڪڻڪ جي صحيح مقدار (ٿيلهن جي تعداد ۽ ميٽرڪ ٽن ۾).
f. مٿين فهرست سينٽر انچارج طرفان تصديق ٿيل هوندي ۽ رڪارڊ لاءِ ضلعي فوڊ ڪنٽرولر کي جمع ڪرائي ويندي.

21. سيئي اسٽوريج ۽ انفورسمنٽ آفيسر / اسسٽنٽ اڪائونٽس آفيسر / ريجنل آڊٽ آفيسر، ويٽ پاليسي 1984–85 مطابق خريد ڪيل اسٽاڪ ۽ آبادگارن کي ڪيل ادائيگين جي جانچ ڪندا ۽ هفتيوار بنياد تي مقدار ۽ رقم جي رپورٽ علائقي جي ڊپٽي ڊائريڪٽر انچارج ۽ ڊائريڪٽر فوڊ سنڌ کي موڪليندا.

22. WPCs جا نالا، انهن جا هنڌ ۽ GPS ڪوآرڊينيٽس، سينٽر انچارج جو ٽيليفون نمبر سميت، مقامي اخبارن، سوشل ميڊيا تي شايع ڪيا ويندا ۽DFCs ، لاڳاپيل ڊپٽي ڪمشنرز جي آفيسن ۾ ظاهر ڪيا ويندا ۽ علائقي جي ڊپٽي ڊائريڪٽر ۽ ڊائريڪٽر فوڊ سنڌ کي پڻ آگاهه ڪيو ويندو.

23. ڪڻڪ جي ٽرانسپورٽ ٺيڪيدارن کان لکت ۾ پابندي (undertaking) ورتي ويندي ته اهي ڪافي گاڏيون مهيا ڪندا ته جيئن ڪليل WPCs تان PRCs ڏانهن ڪڻڪ کي فوڊ ڊپارٽمينٽ جي منظور ڪيل مووومينٽ پلان مطابق وقت سر ۽ شفاف طريقي سان منتقل ڪيو وڃي. ڊپٽي ڊائريڪٽر فوڊ ۽ DFCs وقت سر ويٽ مووومينٽ پلان تيار ڪري خريداري مهم شروع ٿيڻ کان اڳ ڊپارٽمينٽ کي جمع ڪرائيندا.

24. ويٽ خريداري مهم دوران فلور ملز کي صرف اها مخصوص مقدار خريد ۽ ذخيرو ڪرڻ جي اجازت هوندي جيڪا فوڊ ڊپارٽمينٽ طرفان مقرر ڪئي وئي هجي، ۽ اها به صرف اعلان ڪيل گودامن ۾ اٽي جي تياري لاءِ هوندي. ڪين ڪڻڪ جي واپار (trading) جي اجازت نه هوندي. فلور ملز خريد ڪيل اسٽاڪ جي تفصيل لاڳاپيل ضلعي فوڊ ڪنٽرولر کي ڏيندا.

25. تصديق ٿيل سيڊ ڪمپنيون به پنهنجي طرفان خريد ڪيل ڪڻڪ جي تفصيل لاڳاپيل ضلعي فوڊ ڪنٽرولر کي ڏينديون، جيئن فوڊ ڊپارٽمينٽ طرفان مقرر ڪيل SOPs مطابق هجي.

26. خانگي شعبي ۾ ڪڻڪ جي اسٽاڪ جي صحيح ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ فلور ملز ۽ فوڊ گرين لائسنس تحت اسٽاڪ رکڻ وارا پابند هوندا ته هو پاڻ وٽ موجود ڪڻڪ جي مقدار بابت ڄاڻ ڏين، جيڪا سنڌ ايسينشل ڪموڊيٽيز پرائس ڪنٽرول اينڊ پروفيٽيرنگ ۽ هورڊنگ ايڪٽ 2005، سنڌ فوڊ اسٽفس (ڪنٽرول) ايڪٽ 1958، سنڌ فوڊگرينز (لائسنسنگ ڪنٽرول) آرڊر 1957، سنڌ فلور ملز (ڪنٽرول) آرڊر 1959 ۽ ويٽ پاليسي 1984–85 ۾ بيان ڪيل لاڳاپيل قانونن مطابق هوندي.

27. صوبائي سرڪاري ادارا، ضلعي انتظاميا ۽ ضلعي پوليس، ڪڻڪ جي خريداري مهم جي دوران ضروري سهڪار فراهم ڪندا.

28. آبادگارن جي شڪايتن جي ازالي لاءِ ڊائريڪٽوريٽ آف فوڊ (هيڊ ڪوارٽر) ڪراچي ۽ علائقائي آفيسن ۾ لينڊ لائن نمبر سان گڏ هڪ خاص شڪايت سيل قائم ڪيو ويندو.

29. ڊپٽي ڊائريڪٽر فوڊ ۽ ضلعي فوڊ ڪنٽرولر اهي هدايتون ۽ هر سينٽر لاءِ مقرر ڪيل خريداري حدف مقامي ٻولي ۾ شايع ڪندا ته جيئن آبادگارن کي ڄاڻ ۾ سهولت ملي. وڌيڪ، مقرر ڪيل ويٽ پروڪيورمينٽ سينٽر، انهن جا حدف ۽ سرڪاري قيمت هر سينٽر، ڊپٽي ڪمشنر، اسسٽنٽ ڪمشنر ۽ مختيارڪار جي آفيسن ۾ نمايان نموني ظاهر ڪيا ويندا.

30. PRCs، WPCs، DFCsڊپٽي ڊائريڪٽرن جا انچارج روزاني بنياد تي ڪڻڪ خريداري جي اڳيرائي جا تفصيل فوڊ ڊپارٽمينٽ طرفان مقرر ڪيل فارم تي جمع ڪرائيندا.

31. هن پاليسي جي مؤثر نفاذ ۽ عوامي ڀلائي ۽ صوبي جي خوراڪ جي تحفظ جي اهم مقصدن کي حاصل ڪرڻ لاءِ، ڪابينا فوڊ ڊپارٽمينٽ طرفان ويٽ پاليسي 1984–85 يا هن موجوده پاليسي جي عملدرآمد دوران جاري ڪيل يا وري جاري ڪيل اضافي هدايتن، حڪمن يا آرڊرن کي مڪمل منظوري ڏئي ٿي. اهي سڀئي هدايتون هن پاليسي جو حصو سمجهيون وينديون، بشرطيڪه اهي مٿين پاليسين جي واضح شقن سان ٽڪراءُ يا تضاد نه رکن.

غلام عباس نائچ
سيڪريٽري، حڪومت سنڌ

نمبر SO(W)-7(33)/2025-26 : ڪراچي، تاريخ 31 مارچ 2026

هي نقل ڄاڻ ۽ ضروري ڪارروائي لاءِ هيٺين ڏانهن موڪلي وڃي ٿي:

1. پرنسپل سيڪريٽري براءِ چيف منسٽر سنڌ، ڪراچي.
2. ڊپٽي سيڪريٽري (اسٽاف) براءِ چيف سيڪريٽري سنڌ، ڪراچي.
3. پرسنل سيڪريٽري براءِ وزير خوراڪ، سنڌ، ڪراچي.

**TRUE TRANSLATION FROM ENGLISH TOSINDHI**

4. پرسنل سيڪريٽري براءِ سيڪريٽري خوراڪ، حڪومت سنڌ، ڪراچي.
5. ڊائريڪٽر فوڊ سنڌ، ڪراچي.
6. ڊويزنل ڪمشنر ______________ (سڀ )
7. ڊپٽي ڪمشنر ______________ (سڀ )
8. چيئرمين فلور ملز ايسوسيئيشن(SZ) ، ڪراچي.
9. ڊپٽي ڊائريڪٽر فوڊ ______________ (سڀ).
10. ايڊيشنل ڊائريڪٽر فوڊ(F&A) ، ڪراچي.
11. اسٽوريج ۽ انفورسمنٽ آفيسر ______________ (سڀ).
12. ضلعي فوڊ ڪنٽرولر ______________ (سڀ).
13. سپرنٽنڊنٽ، سنڌ گورنمينٽ پرنٽنگ پريس، ڪراچي — گزٽ ۾ شايع ڪرڻ لاءِ.
14. آفيس رڪارڊ فائيل.

(نذير احمد ابڙو)
سيڪشن آفيسر (ويٽ)

تاريخ: 2026-03-31